1. انور پرديسي
2. صبغت الله ڀٽو

# تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ سياسي لاڙن جو مختصر آڀياس

# A brief view of Tanveer Abbasi's Political Tendency in his poetry

## *Abstract:*

*Any person, especially a poet or literate cannot make his self ignominious from any socio-political conditions pertaining within the society. Therefore you can see the impact of its socio-political influence conditionings in his theory or literature. Same thing happened with Tanveer Abbasi's poetical, social and political thought which shows a cry to its flaws and state clear approach during life and his devotion to literature and poetry. No one is ignorant to this fact that his wisdom and thought clearly depicts his tendency towards the socioeconomic and sociopolitical approach.*

*He awards people by his able skills and to create political awareness in the society. He had a belief and worked hard to established provincial autonomy along with demolition of one unit act which can be combined with freedom of expression. All such efforts contributed towards negating the doctrine of might is right and stood steady to injustice to privileged people and influenced concept feudalism. He is advocating to promote the consensus in political mechanism in the society having said that such censure create banks erupting of the state, injustice and violating of the rights of poor as well as violating their rights.*

## لاڙي جو تعارف:

انسان، جڏهن هن ڌرتيءَ تي پير رکيو تہ پنهنجي چوڌاري ڪيترن ئي مونجهارن کي ڏٺائين، سندس خالي کوپڙيءَ ۾ ڪجهہ ڪين هو پر آهستي آهستي پنهنجي شعوري سگهہ وسيلي پنهنجي آس پاس جي انهن مونجهارن ۽ مسئلن طرف ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. اهو ئي سوچڻ انسان جي فلسفي جي بنياد جو سبب بڻيو. جنهن منجهان علم ۽ شعور جون ڏياٽيون روشن ٿيون آهن، جنهن جي بدولت اسان اڄ ڪائنات جي سڀ کان، شايد خوبصورت گرهہ جا واسي آهيون. انسان پنهنجي سوين سالن جي تجربن منجهان جيڪي بہ ذهني ۽ علمي واڌارا ڪيا آهن، انهن ۾ سندس شاندار ڪاميابيون موجود آهن ئي آهن پر انسان جي فطرت، هڪ اصول تحت ڪائنات ۾ ڪار فرما رهي آهي، جنهن وسيلي انساني سوچ، فڪر ۽ ڏاهپ، تخليق جي اوسر ممڪن ٿيندي رهي آهي. غلطيون ڪريو ۽ انهي مان سکو (error and Trial) جي بنياد تي هميشہ پنهنجي اندر جي سوچ مان ٻاهرين مشاهدن کي پرکڻ جي صلاحيت پئي ملي آهي. انسان جي اندر ۽ ٻاهر جي دنيا

1. پي ايچ. ڊي اسڪالر، سنڌي شعبو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور
2. اسسٽنٽ پروفيسر، ڪمپئريٽو رليجن ۽ اسلامڪ ڪلچر شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

جا تضاد جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن، تڏهن تخليق جي هڪ نئين صورت جنم وٺندي آهي. انسان ڪائنات جي وسيع مشاهدن جي دوران گهڻن منظرن مان ڪجهه منظرن جي، جماليات جي بنياد تي چونڊ ڪري وٺندو آهي. اها چونڊ جي صلاحيت ئي ڪيس ڪڏهن ادني فنڪار ته ڪڏهن اعليٰ فنڪار طور پيش ڪندي آهي.

اهڙي طرح اديب جڏهن پنهنجي داخلي ۽ خارجي سوچن جو مشاهدو ۽ مطالعو ڪري ٿو تڏهن هي سوچ جو سفر، ڪيس نون منظرن جي آگاهي ڏئي ٿو ۽ هو پنهنجو تنقيدي شعور استعمال ڪري، پنهنجي تخليقي سفر کي هڪ ڪامياب شڪل ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. اها شڪل ڪڏهن نظم جي صورت ۾ اچي ٿي، ته ڪڏهن غزل جي صورت ۾. اها صورت وري ڪڏهن هائيڪي جي صورت ۾ اچي ٿي يا نثري نظم جي صورت اختيار ڪري ٿي. مطلب ته شاعر جو رياض ۽ ڪم هڪ ڪنيار جيان سڄي عمر جاري رهي ٿو. اهڙي طرح شاعر پنهنجي زندگيءَ ۾ تخليقي سفر کي منطقي انجام ڏيندو رهي ٿو. اهڙن تخليقي سفرن مان ڪڏهن سياسي تخليق هوندي آهي ته ڪڏهن سماجي، ڪڏهن تهذيبي هوندي آهي ته ڪڏهن تمدني اهڙيءَ طرح شاعر جي تخليق جو سفر سياست تائين پهچندو آهي جن شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ سياسي شعور بخشيو آهي انهن مان تنوير عباسي به هڪ آهي ان جو هي شعر شاعر جي ذهني لاڙي جو محور ۽ مرڪز آهي.

"جيڪي سوچيندو سو چوندو

شاعر ڪئين چوندو ٻي ڳالهه."

(عباسي، 1989، 250.)

ان شعر مان اهو ثابت ٿيو ته شاعري سوچ ذريعي پيدا ٿئي ٿي ۽ اهو سوچ جو لاڙو ئي آهي جيڪو ڪنهن مشاهدي يا ڪنهن تجربي ڏانهن موڙي ۽ اتساهي ٿو. اهڙيءَ طرح فطرت شاعر ۽ ان مان اتساهيندڙ لاڙي جو عمل چوويهه ڪلاڪ شاعر جي شعور ۾ پچندو رهي ٿو. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته نفسياتي ۽ تخليقي طور تي لاڙا ئي ڪنهن فڪر کي جنم ڏين ٿا. اهي لاڙا ڪڏهن سماجي هوندا آهن ته ڪڏهن فني. ڪڏهن جمالياتي ته ڪڏهن تاثراتي. ڪڏهن قدامت پسند هوندا آهن ته ڪڏهن نواڻ پسند. ڪڏهن رجعت پسند ته ڪڏهن ترقي پسند. هڪ طرف زندگيءَ جو مسافر آهي ته ٻئي طرف فڪر ۽ فن جو مسافر آهي. اهڙي طرح ادب جي حوالي سان فن ۽ فنڪار يا تخليق ۽ تخليقڪار هڪ وحدت ۾ سلهاڙجي وڃن ٿا.

## لاڙي جي وصف:

آڪسفورڊ ايڊوانس لرنرس ڊڪشنري ۾ لاڙي جي وصف هن طرح بيان ڪئي وئي آهي.

"Trend: -(N) a genral direction in which a situation in changing or, developing,econimic/ social/ political, trends .

(Towords th) There is a groving trend towords earlier, retirement (in Sth) current trends in language, Teaching. A down word/ an up word trend in sales. You seem to have set (= started) a new trend. This trend is being reversd (= is going in the opposite direction). One regien is attempting to Buck (= oppose or Reslist) the trend of economic decline, the underlying. Language bank at fall. '

هڪ رخ جنهن ۾ ڪا حالت تبديل پذير هجي يا اقتصادي، سماجي، سياسي طرح لاڙا وجود ۾ آڻيندڙ هجي.

سنڌيڪا انگلش _ سنڌي ڊڪشنري ۾ (Trend) لاڙي جي لفظ جي معنيٰ هن طرح بيان ڪئي وئي آهي. (vt) _ : Trend ڪو عام لاڙو_ رُخ، رغبت، رجحان، هجڻ (س) لاڙو هلندڙ روشن انداز وغيره.

ان ڪان علاوه سماجي علومن ۾ (Trend) مان نهيل (Trendsetter) به استعمال ٿيندو آهي.

(N) Trendsetter. لاڙو / رجحان متعارف ڪرائيندڙ (سنڌيڪا، 2003، 958.)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ترتيب ڏنل جامع سنڌي لغت ۾ لاڙي جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي.

"لاڙو جمع لاڙا. ڏ لڙڻ يا مائل ٿيڻ واري حالت، اُتار، رغبت، جهڪاءُ، رُخ، چاهه، ليت، خيال، ميل، توجهه، شوق، ڦيرو، پاسو طرف، وڪڙ." (بلوچ، 2006، 573.)

مٿي بيان ڪيل وصفن مان معلوم ٿئي ٿو ته:

الف: هڪ سياسي سماجي رخ.

ب: لاڙو لفظ لڙڻ مان نهيو آهي، ان ڪي سنڌيءَ ۾ جهڪاءُ به چئي سگهجي ٿو.

پ: رجحان هجڻ trend لاءِ اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ لاڙو ۽ رجحان ٻئي قابل استعمال ۽ مقبول اصطلاح رهيا آهن. اسان جي اديبن ۽ عالمن انهن ٻنهي لفظن کي Trendجي نعم البدل يا عيوضي طور استعمال ڪيو آهي.

انسان کي پنهنجي ڪيل عملي ڪوشش جي ڪري ڪاميابيون نصيب ٿيون آهن. چاڪاڻ جو ان جي ڪيل هر ڪوشش، ڪنهن نه ڪنهن رخ ۾ قدم کڻڻ جي ذريعي ساڀيان واري سفر جو مسافر بڻجي ٿي. انسان جي لڳاتار جي جهدو جهد کان پوءِ هن کي ڪو صحيح دڳ ملي ويجي ٿو. جنهن تي انسان هلي، امن، سلامتي، سک ۽ محنت جا رستا هٿ ڪيا آهن. اهي هيٺ پيش ڪجن ٿا. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته:

"خيال ۽ فڪر جي ويڙهه جي نوعيت ئي اهڙي آهي، جو انسان ذات کي ڪيترن ئي موقعن تي سڌي راهه کان هٽي وڃڻو به پيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح وري سڌي راهه تي پهچي وڃڻ جو وقت به ڪيس هٿ ايندو رهيو آهي." (ٻوهيو، 2013، 11.)

هر دور جي فڪري اڏام ۽ ويڙهه ۾ فرق آهي. هي جيڪا ايڪهين صديءَ جي ويڙهه آهي سا انتهائي خطرناڪ شڪل اختيار ڪندي ٿي وڃي. انسان جي فڪري خيالن مٿان انڌيون طاقتون مختلف ذريعن سان قابض ٿينديون پيون وڃن. جنهن سبب ڪري انسان جي خيالي ۽ فڪري قوت گهٽجي ڪمزور ٿي وئي آهي. اجوڪي انسان جي چوڌاري مسلڪن جا ڪوڙڪا اڏيا پيا آهن. انهن سڀني مسئلن ۽ مونجهارن هوندي به انسان پنهنجي فڪري ذات وسيلي ڪي نوان ۽ نڪور گس گهڙي وٺي ٿو. اهڙن آدرشن ۽ لاڙن تي پوءِ هو پاڻ به هلي ٿو ۽ سماج کي به هلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

## ادبي لاڙن جا قسم

جڏهن بہ ڪنهن قوم جي ادب، فن، فڪر ۽ شعور جي باري ۾ غور و فڪر ڪجي ٿو تہ اسان کي اُتي ڪئي موڙ رجحان، رخ، لاڙا ۽ نظريا نظر اچن ٿا. جيڪي انهن سماجن جي مختلف دورن جي ادب ۽ سماج جي رهڻي ڪهڻي ۽ سياست ۽ ثقافت جي نشاندهي ڪن ٿا. سماج جي انهن رخن ۽ لاڙن جي پرک ۽ پروڙ کان پوءِ انهن جي شعوري زندگيءَ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. وقت ۽ حالتن جي بدلجڻ سان انهن لاڙن ۾ بہ تبديلي ايندي رهي ٿي. انهن مجهان ڪي روايتون ڪمزور ٿي ختم ٿي وڃن ٿيون تہ ڪي قدر (Values) صدين تائين سماجن جي اوسر ۾ مضبوط ڪردار ادا ڪندي نظر اچن ٿا. انهن لاڙن ۾ ترقي پسند سوچ، سياسي، سماجي، مزاحمتي، ثقافتي، رومانوي، جمالياتي، فطري، صوفياڻو عڪسي، علامتي ۽ حب الوطنيءَ جا لاڙا/ نظريا اهم آهن. ڪنهن بہ سماج جي ترقيءَ واري منزل تي پهچڻ ۾ انهن لاڙن جو هجڻ لازمي آهي. تنهن ڪري، ان جي ارتقائي اوسر کي پرکڻ ۽ پروڙڻ لاءِ علمي، ادبي ۽ نفسياتي شعور جي مٿين سيني لاڙن جو اڀياس ڪرڻ ضروري هوندو آهي. قاضي خادم لکي ٿو تہ:

> ”ڪنهن قوم جا ادبي، سياسي، سماجي لاڙا (Attitudes) تاريخي حالات توڙي واقعات سان ملي بدلجندا رهندا آهن ۽ انهن جي ڇنڊ ڇاڻ ٿيندي رهندي آهي. ان ڇنڊ ڇاڻ جي عمل جي نتيجي ۾ غلط سلط ۽ ڪمزور وقتي لاڙا خود بخود ڇنڊجي صاف ٿيندا آهن ۽ مضبوط لاڙا قدرن (Values) جو روپ وٺي مستقل روايتن جي حيثيت حاصل ڪندا آهن. انهن قدرن کي ڪنهن سماج جي ارتقا ۾ بنيادي اهميت حاصل هوندي آهي. انهن جي مڪمل مطالعي ۽ مشاهدي کانسواءِ ڪنهن مخصوص سماج جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي.“(قاضي، 1992، 18.)

## سياسي لاڙو:

هر دور جي شاعر کي پنهنجي دؤر جون سياسي ۽ سماجي حالتون ملنديون رهيون آهن. ۽ پوءِ هو پنهنجي خيالن جو اظهار پنهنجي لفظن جي صورت ۾ سماج سان سليندو رهيو آهي. تنهن ڪري سماج پنهنجي ڌرتيءَ سان بيحد محبت ڪندو رهندو آهي. سنڌ جي تاريخ تہ تلخ حقيقتن سان ڀري پئي آهي. ڪيئن نہ ڦورو طبقن، هن ڌرتيءَ جي مسڪين ۽ دنيا تائين محبت جو پيغام ڦهلائيندڙ پريت جي پيمبرن جي رت سان هوليون کيڏيون آهن. وقت بوقت سنڌ جي ڪک ۾ خنجر هڻي ان جي امن، پيار، محبت ۽ رواداري واري سوچ کي ريزه ريزه ڪرڻ جون ڀرپور ڪوششون ڪيون ويون. ان جي محبت، پيار ۽ ڀائيچاري واري نظريي کي ختم ڪرڻ لاءِ عالمي سازشون ٿينديون رهيون. حالانڪ ڪنهن کي بہ سنڌين جي رواداري ۽ ڀائچاري واري نظريي کان خوف ڪو نہ هو. تڏهن بہ هن ڌرتيءَ تي ڪيترائي حملا ڪيا ويا آهن. ڪڏهن سندن علم ۽ ادب جي ذخيرن کي باهيون ڏيئي ساڙيو ويو تہ ڪڏهن ماڻهن جي زندگين کي اجيرن بنائڻ لاءِ وسيلن کي تهس نهس ڪيو ويو. سراج الحق ميمڻ لکي ٿو تہ:

"سنڌ جو سمورو سياسي فڪر، ڪالهه اڄ ۽ سڀاڻ جي سموري سياست انهن لفظن سان واڳيل آهي. بظاهر انهن ۾ فلسفي جا ڪي عميق نڪتا سمايل نه ڪين آهن، نه ڪي منجهن ڪا سياست ٿي بڪي، نه ڪا نفرت آهي، نه ڪو منجهن جمهوريت جي لاف زني آهي، نه انهن ۾ ڪا مارڪسزم پريل آهي. پر انهيءَ جي باوجود اها سڄ سنڌ جي سموري سياسي فڪر جو نچوڙ آهي، جيڪو موهن جي دڙي واري وقت کان اڄ تائين سنڌين جي رهبري ڪندو آيو آهي." ميمڻ، 2005، 141.)

اها لطيف واري رهبري اڄ سوڌو سنڌين جي دلين تي نقش ٿيل آهي. اسان جي ڌرتيءَ ڏي جڏهن به ڌارين ميري اک سان نهاريو ته، سنڌ جي سورهين پاڻ موکيو آهي. تنوير عباسي، جنهن دؤر ۾ اکيون کوليون، اهو دؤر سياسي حوالي سان غلاميءَ کان نجات وارو دؤر هو. هن اُپکنڊ ۾ تبديلي ۽ آزاديءَ جا نغما فضا ۾ گونجي رهيا هئا. انهيءَ نعرن جي گونج ۾ تنوير عباسيءَ جي تربيت ٿي. 1947ع ۾ هن اُپکنڊ هندستان جا به حصا ٿيا. ان مان هڪڙي حصي جو نالو پاڪستان آهي. جنهن ۾ ماضيءَ جو وڏو امن جو علمبردار ملڪ سنڌ، صوبائي حيثيت ۾ شامل ٿيو. وڏي ۽ تاريخي ڳالهه اها به آهي ته، پاڪستان ٺهڻ جي قرارداد به سنڌ جي صوبائي اسيمبلي انگريزن جي دور ۾ پاس ڪئي. هڪ نئون ملڪ دنيا جي افق تي نمودار ٿيو. پر بدقسمتيءَ سان هن ملڪ جي وسيلن تي روشن خيال سياستدانن جي گرفت نه رهي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي سياسي ڀونچال رونما ٿيندا رهيا. مثال طور، آزاديءَ جي ٻن سالن کان پوءِ سنڌي ماڻهن جي راءِ پڇڻ کانسواءِ ڪراچي کي سنڌ کان جدا ڪيو ويو. 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي کي ڪراچيءَ کان نيڪالي ڏيئي حيدرآباد جي پهاڙن جي حوالي ڪيو ويو. ان جي جاءِ تي ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي ڪاپاري ڌڪ هڻي، ڪراچيءَ يونيورسٽي مان سنڌي ٻوليءَ ۾ تدريسي عمل کي ختم ڪيو ويو. جيڪا عزت سنڌي ٻوليءَ جي ملڪ ٺهڻ کان اڳ هئي، اها ختم ڪئي وئي. محمد ابراهيم جويو لکي ٿو ته:

"1956ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڪيل فيصلي جهڙا فيصلا، 1959ع ۾ قومي تعليمي ڪميشن جي ڏنل رٿن جهڙيون رٿون، ۽ اولهه پاڪستان سرڪار جي سنڌ وارن جامع اسڪولن بابت ڪنيل قدمن جهڙا قدم ثابت ٿا ڪن ته انهن سڀني ڳالهين جو مطلب اهو ئي آهي ته ڪيئن به ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪجي." (جويو، 2015، 485.)

سياسي ۽ ادبي حوالي سان، سنڌ سان جيڪو ماٽيلي ماءُ وارو ورتاءُ ڪيو پئي ويو ان تي سنڌي ماڻهن ۾ ڳڻتيءَ واري صورتحال پيدا ٿي چڪي هئي، نه صرف ايترو پر هر معاملي ۾ سنڌي ماڻهن کي ڇاڻي واڻي پوئتي ڌڪڻ جون ڪوششون جاري هيون. آخرڪار 14 آڪٽوبر 1955ع تي ون يونٽ جو ڪهري قانون آندو ويو جنهن ۾ صوبائي ٻولين جي حيثيت سميت صوبن جي به حيثيت کي ختم ڪري، هڪ ملڪ پاڪستان بڻايو ويو. اهي وار سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ تي جاري هئا ته مٿان وري 1958ع ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان مارشل لا به لاڳو ڪري ڇڏيو هو. جنهن ۾ اظهار جي آزاديءَ سان گڏ سمورن انساني حقن تي پابندي لاڳو ڪئي وئي. اڳتي هلي رٽائر فوجين

کي سنڌ ۾ زمينون ڏئي آباد ڪرڻ جهڙا مصوبا ٺاهيا ويا. ننڍين قومن سنڌي، بنگالي، پٺاڻ وغيره گڏجي ون يونٽ خلاف ڀرپور آواز اٿاريو. انهن جي آواز کي دٻائڻ لاءِ مختلف قانون ٺاهيا ويا. فيلڊ مارشل لا ايوب خان ملڪ ۾ صدارتي نظام کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ اليڪشن جو اعلان ڪيو. جنهن جي مقابلي ۾ عوامي ليگ محترمہ فاطمہ جناح کي ايوب خان جي سامهون مضبوط اميدوار طور آندو. پر اها اليڪشن حڪومتي مشينريءَ کي استعمال ڪري ايوب خان کٽي. انهيءَ دوران اسان جي دانشور طبقي منجهان بہ ڪيترائي انهيءَ اليڪشن مهم جو حصو بڻيا، جنهن ۾ تنوير عباسي بہ شامل آهي. ٻوليءَ وارو مسئلو سنگين کان سنگين تر ٿيندو پئي ويو. اسان جي اديبن انهيءَ مسئلي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هر محاذ تي جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر ادل سومرو لکي ٿو تہ:

> "سنڌي ٻولي ۽ ادب تي اهو نهايت ئي ڏکيو دؤر هو. اسان جا اديب شاعر علمي ۽ عملي ٻنهي محاذن تي وڙهي رهيا هئا. تنوير عباسي انهن مان بهترين صف ۾ بيٺل هو. جڏهن شريف ڪميشن وسيلي، سنڌي ٻوليءَ تي حملو ڪري، سنڌ جي سڃاڻپ کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ سنڌي اديبن، شاعرن ۽ عالمن سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان مزاحمت ڪئي. ان ڏس ۾ 14 آڪٽومبر 1962ع تي جامعہ عربيہ هال، تلڪ چاڙهي حيدرآباد ۾ سنڌ سنگت ڊيليگيٽ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت ناليواري اديب محمد عثمان ڏيپلائي ڪئي. "
> (سومرو، 2016، 153.)

ساڳي ڪاميٽي سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ ۽ تحريڪ کي تيز ڪرڻ لاءِ "يوم سنڌي زبان" ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن ذريعي سنڌي زبان جي اهميت ۽ افاديت کان سڄي دنيا کي آگاهہ ڪرڻو هو. انهيءَ سلسلي ۾ هڪڙي ڪاميٽي ٺاهي وئي جنهن جي عهديدارن ۾ شمشير الحيدري، ناصر مورائي ۽ تنوير عباسي مقرر ڪيا ويا. اهڙي نموني سان تنوير عباسي، سياسي ۽ ادبي ميدان تي سرگرم عمل رهيو. هي پنهنجي تخليقن ذريعي بہ پنهنجي ڌرتي ۽ ٻوليءَ جي اهميت کي اجاگر ڪندو رهيو. تنوير عباسي سنڌي ٻوليءَ لاءِ هي ترانو لکيو.

شال جيئي هيءَ مٺڙي ٻولي،
جنهن ۾ ماءُ ڏني هئي لولي،

لفظ اُنهيءَ جا موتيءَ داڻا،
جملا جواهرن جيان سيباڻا،
تن سان ڀريل آ منهنجي جهولي،
شال جيئي هيءَ مٺڙي ٻولي.

اهڙي سندرتا اهڙي مدرتا،
جڻ ڪو درياهه اٿلي پيو آ.
جڻ ته ڇُلي پئي ڪائي ڇولي،
شال جيئي هيءَ منڙي ٻولي.

سارو جڳ ڀَلُ زور لڳائي،
سنڌي سگھندو ڪو نه مٽائي،
هاٿي اک مون آهي ڪولي،
شال جيئي هيءَ منڙي ٻولي.
(عباسي، 1989، 568.)

رشيد ڀٽي لکي ٿو ته:

"ون يونٽ تحريڪ سنڌ اندر قوميت ۽ قوم پرستيءَ جو جذبو جنون جي حد تائين اڀاريو ۽ سنڌ کي لساني، ثقافتي، سياسي، اقتصادي ۽ سماجي طور هڪ الڳ قوم هئڻ جو احساس ڏياريو ۽ قوميت جي بقا ۽ احياءَ منجهن جذبو جوش ۽ جولان پيدا ڪيو." (ڀٽي، 2010، 209)

ون يونٽ جي آڙ ۾ سنڌ سان وڏيون نا انصافيون ڪيون ويون. ڪيترن اديبن، سياستدانن، شاگرد اڳواڻن، وڪيلن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ رکيو ويو. ان کان علاوه سنڌ جي زرخيز زمينن کي ڏارين ۽ يو پي سي پي کان آيلن دهشتگردن جي حوالي ڪيو ويو. زمينن ۽ جائدادن جي ونڊ ورڇ کان وٺي هر اها شيءِ ڏارين جي حوالي ڪيائون جتان سنڌين کي وڏي اُپت جي اُميد هئي. سنڌي اديبن جي ون يونٽ خلاف وڏو محاذ ڪڙو ڪيو. ان هلچل ۾ سنڌ جي هر مڪتبِ فڪر جي ماڻهن حصو ورتو جنهن ۾ اديب، شاعر، شاگرد، سياستدان، وڪيل، هاري، مزدور، پورهيت مطلب ته هر ان ماڻهو حصو ورتو جن کي پنهنجي ڌرتيءَ، ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت سان پيار هو. ڪجھ ماڻهو سنڌ جا اهڙا به هئا، جن ون يونٽ نهرائڻ ۾ وڏو حصو ورتو پر تاريخ انهن کي سُنن لفظن ۾ ياد نه ٿي ڪري ۽ انهن سنڌ دشمنن جا هٿ نالا لکڻ وقت جو زيان آهي. ان وچ ۾ 1965ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ هڪ وڏي جنگ ڇڙي پئي. جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جو وڏو نقصان ٿيو پر اها جنگ خير سان جلدي ختم ٿي وئي. آخر ڪار پندرنهن سالن جي جدو جهد رنگ لاتو 1969ع ۾ ون يونٽ ختم ٿيو. سنڌي ماڻهن سان گڏ انهن سيني قومن سک جو ساهه کنيو جن هن قهري قانون خلاف مسلسل جدو جهد ڪئي ۽ جيلن جون عقوبتون سٺيون. انهيءَ سلسلي ۾ طارق اشرف لکي ٿو ته:

"ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان قائم ڪيل ڪوٽ ڊهي پٽ ٿي ويو. اسين مبارڪ ٿا ڏيون انهن سيني کي، جن انهيءَ ڪوٽ کي ڪيرائڻ ۾ اخلاقي توڙي عملي مدد ۽ جدوجهد ڪئي. ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ اميد آهي ته اسان کي پنهنجا پورا حق ملندا، جن کان اسان کي محروم ڪيو ويو آهي." (طارق اشرف، 1970، 1، 1)

هڪ سال ڪان پوءِ اليڪشن ٿي، جنهن ۾ انهن اميدوارن ٻه حصو ورتو جن ون يونٽ ٽهرائڻ ۾ "رازي" وارو ڪردار ادا ڪيو هو. سنڌي ماڻهو هاڻي سجاڳ ٿي چڪا هئا. اهڙن اميدوارن کي ووٽ ڏيڻ بجاءِ هنن انهن اڳواڻن کي ترجيح ڏني، جيڪي سنڌ جي سينڌ سنوارڻ ۾ ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا. سرمائيدار، جاگيردار ۽ وڏيرو طبقو ٻه انهيءَ اليڪشن ۾ پنهنجي قسمت آزمائي لاءِ ميدان ۾ لٿو جنهن جي پٺڀرائي اهي قوتون ڪري رهيون هيون، جن پندرنهن سال ون يونٽ جي حمايت ڪئي. واضح طور عوامي ليگ اڪثريت حاصل ڪئي پر حڪومت ڏيڻ بجاءِ انهن مٿان جنگ مسلط ڪئي وئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو اسان اوڀر پاڪستان جي وڏي حصي کان محروم ٿي ويا سين. دنيا جي نقشي تي هڪڙو ٻيو مسلم ملڪ بنگلاديش جي نالي سان نمودار ٿيو. پاڪستان واري حصي تي، ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت قائم ٿي. اهي سموريون سياسي حالتون ۽ لاڙا، تنوير عباسيءَ جي اکين اڳيان رونما ٿي رهيا هيا. هڪ حساس دل رکندڙ انسان جي اندر جون ڪهڙيون ڪيفيتون آهن، جو هن کي قلم کڻڻ تي مجبور ڪن ٿيون. پنهنجن ڌرتي ڌڻين کي دلداري ڏيندي، هن نظم ۾ تنوير عباسي چوي ٿو ته:

صبح ناهي دور او ساٿي،
صبح ناهي دور.

لمبي رات وهامي ويندي،
دک جي آگ اجهامي ويندي،
آس نه لاٿي جي تو اي ساٿي،
اونده مان ٿي باکون ڦٽنديون،
ڪاريون راتيون نيٺ ته کٽنديون،
چو ٿو وڃين وهلور ساٿي،
صبح نه آهي دور.

ڪارن پردن مان پرڀاتيون،
اوڀر کان ٿيون پائن جهاتيون،
صبح ٿئي ٿو نور وسي ٿو
رات ٿي پنهنجو دم ٻوساتي،
اونداهين جو هاڻ ٿو قاتي،
جاڻ لٿا هي سور او ساٿي،
صبح نه آهي دور.

ڏس تہ شفق مان صبح سياڳو
ڪرموڙي آ ننڊ مان جاڳيو
نور جو پھريون پھريون ڪرڻو
اونداهين جو سينو چيري،
وڏندو اچي ٿو ڏيري ڏيري،
چاڻ وسي ٿو نور ساٿي،
صبح نہ آهي دور.

هل تہ رفيقن کي جاڳايون،
صبح سان گڏجي جوت جلايون،
منھنجا ساٿي منھنجا سنگتي،
آءُ تہ ڳايون گيت سحر جا،
اچ تہ ڪريون دنيا ۾ اُجالا،
چو ٿو پچائين پور ساٿي،
صبح نہ آهي دور.
(عباسي، 1989، 92، 93.)

مٿين نظم ۾ تنوير عباسي انهن ڪارين راتين جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي هڪ ڀيانڪ روپ ڌاري قوم مٿان ڪاهي پيون آهن. اهڙي قسم جا غم ۽ تڪليفون گهڻي دير تائين رهي نہ ٿيون سگهن. بس! اسان کي بحيثيت هڪ قوم جي، انهن سان گڏجي مقابلو ڪرڻو آهي. چاڪاڻ جو اهو صبح پري ناهي، جنهن ۾ اسين آزاد فضا ۾ پکين وانگر زندگيءَ پرسڪون واري ڪيفيت ۾ گذاريندا سين. اهو سچ جو صبح اچڻو آهي ۽ اُهي جيتوڻيڪ تنوير عباسي جي شعرن ۾ اهو مزاحمتي اُڀار ۽ چاڙهہ موجود ناهي، جيڪي هڪ سياسي طوفان کي جنم ڏين، جيئن شيخ اياز جي شعرن ۾ نظر اچن ٿا. تنوير عباسي پنائيءَ واري نرم لهجي ۾ دشمن کي للڪاري ٿو. اهو بہ هڪڙو جنگ ڪرڻ جو ڀرپور نمونو ۽ سماج کي سجاڳ ڪرڻ جو پيغام آهي. پنهنجي نرم لهجي ۽ سياءُ هوندي بہ تنوير عباسي سنڌ جو ڪيڏارو لکيو آهي. جڏهن هڪ تعصب پرست اردو اديب رئيس امروهي جي چرچ ۽ هاءِ گهڙا ڪرڻ تي، سنڌ ۾ بوليءَ جا فساد ٿيا ۽ سنڌ جي ادارن، درسگاهن ۽ لائبررين کي تعصب پرستن پاران باهيون ڏئي ساڙيو پئي ويو تہ تنوير عباسي انهيءَ عمل تي سخت ترين احتجاج ڪيو.

باهہ نہ ساڙي علم کي، علم تہ خود ئي آگ،
وڏندي رهندي سنڌڙي، هر پل پنهنجي ماڳ،
تن لئہ آهي نياڳ، جيڪي روڙا راهہ جا.

سنڌ الاجي ڇا سڙي، ڇڻ روشن ٿي وئي واٽ،
پرندي رهندي لاٽ، جاهل علم نه ٿئي فنا.“
(عباسي، 1989، 331.)

انهيءَ سموري روئيداد تي، تنوير عباسي چپ ڪري ناهي ويٺو هو مسلسل پاڻ به تحرڪ ۾ آهي ۽ پنهنجي قوم کي به متحرڪ ڪندو رهيو. هڪ شاعر جي اها وڏي خوبي آهي ته هو سياسي طور تي پنهنجي سماج کي جاڳائيندو رهي. جيڪي راهه ۾ روڙا اٽڪائي رهيا هئا ۽ علمي ۽ ادبي ميدان کان پري هئا، انهن جاهلن جي پلئه ڪجهه به اڇٽو ناهي. تنوير عباسي مٿين شعر ۾ ان ابوجهل ٽولي کي سمجهائي رهيو هيو ته اوهان جي علمي ادارن کي باهيون ڏيڻ سان، علم جي شمع پاڻ ۾ تبديل ڪان ٿيندي، بلڪ اڳ کان به اڳرو مضبوط بڻجي، پاڻ اونداهين ۾ به لاٽ بڻجي روشني ڪندي رهندي. هو چاهي پيو ته ايئن نه ٿئي جو معمولي کان معمولي دُشمنَ به، اسان جي وسيلن تي قبضو ڪري وڃن ۽ اسان، هٿ تي هٿ ڌئي رڳو تماشو ڏسندا رهون. امداد حسيني لکي ٿو ته:

”جنگ، انسان جو انسان هٿان وڏي پيماني قتل عام جو بيو نالو پوءِ چاهي اها ڪهڙي به مقدس نالي ۾ لڙي وئي هجي. ڪيڏاري جي رت ريکا کي تنوير هاٽوڪي يگ تائين کڻي آيو آهي. ”شعر“ ۾ چيل ڪيڏارو 4 مارچ جي جوڌن کي سلام هو. ”سچ ترءِ هيٺان“ ۾ چيل ڪيڏاري جو داستان ٽيون، سنڌ الاجيءَ جي سڙڻ واري سانحي بابت آهي. انهيءَ سانحي کان پوءِ سڄي سنڌ جاڳي پئي هئي. ۽ ان سُجاڳيءَ سنڌي قوم ۾ پنهنجي علم ۽ ادب، ٻوليءَ ۽ سڀيتا جي بچاءَ لاءِ پاڻ ارپڻ وارو جذبو پيدا ڪيو. “(حسيني، 1989، 317)

اهي، علم ساڙيندڙ جاهل جلاد ڪڏهن به سک جو ساهه نه کڻي سگهندا. هو هميشه سنڌڙي جي سونهن، سوڀيا ۽ ترقيءَ تي اندر ئي اندر جلندا، پچرندا رهندا. جن جي من ۾ مدي ۽ مير آهي، اهي ڪڏهن به منزل ماڻي نه سگهندا. اهڙن گندي سوچ رکندڙن لاءِ پٽ ڏٺي فرمائي ٿو.

الا! ڪَرَ جِيَنِ مَدي جَنيين جي من ۾،
اسان ۽ پِرِينِ جُون، اُميدُون پَسَن،
تِنهان پوءِ مرن، سَڙي اِنهيءَ سُورَ ۾.“
(شاهه، 2005، 716.)

ساڳي نموني سان تنوير عباسي به مُدي خارج ۽ دقيانوسي سوچ رکندڙن لاءِ، شاهه لطيف جي سوچ، فڪر جي پيروي ڪندي انهن کي اهڙي بد دعا ڏئي ٿو جنهن ۾ انهن کي موت نه اچي، اهي، گندي ذهنيت رکندڙ جيئرا هجن ۽ سنڌ جي خوشحالي، سنڌين جون اڻ ڳڻيون خوشيون، مرڪون، ٽهڪ اکين سان پسن ۽ پوءِ پچري پچري مرن. تنوير عباسي اهڙن جي عڪاسي هن طرح ڪئي آهي.

الا ڪر جيئن، شل عمر وڏي تن کي ملي،

کلندي وڏندي، ويجهندي، پلي سنڌ ڏسن،
تهان پوءِ مرن، سڙي انهيءَ ساڙ ۾.“
(عباسي، 1989، 331)

جمهوريت ۾ به سنڌ جي سياسي حالت انهيءَ به واٽي تي پهتل هُئي، جو ٻاهريان ايندڙ منفي سوچ رکندڙن اسان جي علمي، ادبي ذخيرن کي باهيون ڏنيون، جن کي اسان جي وڏڙن ڏين پائي سمجهي جيءَ ۾ جايون ڏنيون هيون. اهڙيون سياسي، سماجي ويساهه گهاتيون جمهوريت جي آڙ ۾ ٿي رهيون هيون. رسول بخش پليجو لکي ٿو ته:

”هي اهو عوام دشمن ٽولو آهي، جنهن ننڍين قومن جي جدوجهد کي پٺ ۾ خنجر هنيو. پاڪستان جي قومي ٻولين، بلوچي، سنڌي، پشتو ۽ پنجابيءَ سان غداري ڪئي، صوبائي خود مختياريءَ جو مذاق اڏائيندڙ دستور صحيح ڪيو. سنڌ ۾ فسادن جي پٺڀرائي ڪئي، مظلوم سنڌين خلاف اٽلو ڪوڙيون انڪوائريون هلائي سنڌن خلاف پروپيگنڊا ڪئي، پاڪستان جي مظلوم قومن جي گڏيل جمهوري مورچي کي ٽوڙي دشمن کي راضي ڪيو. بلوچ عوام جي جدوجهد کي ٻين مظلوم پاڪستاني قومن جي جدوجهد کان ڪاٽي الڳ ڪري، ان کي اڪيلو ڪرايو. “
(پليجو، 2007، 50)

اها سياسي ويڙهه هلندڙ ئي هو ته جمهوريت تي راتاهو هنيو ويو. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ختم ڪري مارشل لا مڙهي وئي. ذالفقار علي ڀٽو کي گرفتار ڪيو ويو ۽ مٿس ڪوڙو ڪيس داخل ڪري آخر ڪار 4 اپريل 1979ع تي تخته دار تي لٽڪايو ويو. جمهوريت جي بحالي لاءِ ايم آر ڊي جي پليٽ فارم تان زبردست احتجاج ڪيو ويو. ان تحريڪ ۾ سنڌ سميت ملڪ جون ننڍيون وڏيون مظلوم پارٽيون شامل هيون. وڏي جهدو جهد جيلن ۽ ڪوڙن کائڻ، سرن جا دان ڏئي، ان جدوجهد کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪري، ملڪ کي ٻيهر اليڪشن واري ميدان ڏانهن موٽايو ويو. مختلف تحريڪن ۽ ٿيندڙ لانگ مارچ ۾ پاڻ شرڪت به ڪيائين. سندس فڪر تي انهن سياسي پيچ ڊاهن جو گهرو اثر ڏسجي ٿو. هو چوي ٿو ته انهن دردن ۽ تڪليفن منجهان اسان کي ٻيو ڪوئي اچي ڪو نه آجو ڪرائيندو نه ئي هاڻ ڪو آسمان منجهان ملائڪ ايندا، پاڻ کي انهن دردن جو علاج ڪرڻو پوندو.

نه ڏس آسمان ڏي،
نه ڏس آسمان ڏي،
ملائڪ نه لهندا،
نبي ڪو نه ايندو،
هي دک جو اسان تي،
آ نازل ٿيو ان جو،
ڪو عيسيٰ اچي ۽ مسيحا نه ٿيندو.

اسان پاڻ پنهنجا مسيحا،
اسان پاڻ پنهنجا پيغمبر،
اسان پاڻ ئي ڪافلو اسان پاڻ ئي سرواڻ آهيون،
اسان پاڻ ئي پنهنجو نرواڻ آهيون،
اسان پاڻ ئي پنهنجي رات جي رڻ جا راهي،
اسان پاڻ آهيون پرهه جا پيغمبر،
اسان پاڻ رهبر،
اسان پاڻ رهبر."

(عباسي. 1989. 344.)

تنويرعباسي پنهنجي سياسي، سماجي فهم فڪر ذريعي حالتن جي تبديليءَ لاءِ رستو مٿين شعر ۾ ٻڌائي ڇڏيو آهي ته جڏهن به ڪا مصيبت يا تڪليف قومن مٿان اچي ته اهي پاڻ پنهنجا مسيحا بڻجي وڃن، پاڻ رهبر بڻجي وڃن، دنيا منجهان يا آسمان مان ڪو به هنن جو مدگار نه ايندو. الله تعاليٰ به انهن جي مدد ڪندو جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. اسان وٽ چوڻي آهي ته: "همت مردان، مدد خدا". قومون سياسي طور تي اهي دنيا تي راڄ ڪنديون آهن، جن وٽ بلند حوصلو هجي، علم ۽ ڄاڻ هجي.

## حوالا:


(1) عباسي، تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. 1989ع.

(2) Oxford, Advance, Learner's, Dictionary, 8th. Edition. 0xford university press. p. no:1299

(3) Sindhica, Dictionary, English to Sindhi. Sidhica Academy, Karachi. 2003. p. no:781.

(4) بلوچ. نبي بخش. ڊاڪٽر. هڪ جلدي جامع سنڌي لغات. حيدرآباد: سنڌ پاڪستان. سنڌي لئنگويج اٿارٽي. 2006ع.

(5) ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر. ادب جا فڪري محرڪ. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن سنڌ.

(6) قاضي خادم "ادب ۽ روايتون" (علمي، ادبي ۽ تحقيقي مضمون) حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر 1992ع.

(7) عباسي، تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. 1989ع.

(8) شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جو رسالو. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي. ڇاپو ٻيو. 2005ع.

(9) سهيڙندڙ ابڙو آفتاب. شاهه لطيف عظيم مفڪر. مضمون. سراج الحق ميمڻ. (شاهه لطيف جو سياسي فڪر.) ڪراچي: آزاد ڪميونيڪيشن. ڇاپو ٻيو. 2005ع.

(10) جوڻيو محمد ابراهيم. مُٺ مُٺ موتين جي. خيرپور: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي. 2015ع.

(11) سومرو ادل، ڊاڪٽر. پکين جا پيچرا ڪيئي. ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ. 2016ع.

(12) عباسي، تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. 1989ع.

(13) مرتب جوڻيو. تاج. ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان، شيخ اياز نثر 2. خط انٽرويو ۽ تقريرون ٻاڳون ٻهريون. مهاڳ، رشيد ڀٽي. ڇپيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي: ڇپائيندڙ سياحت ۽ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ. 2010ع.

(14) طارق, اشرف. پنهنجي پاران. ماهوار سهڻي.(جنوري, مارچ). حيدرآباد: سهڻي پبليڪيشن ايف 45ـ 750 الهندوڪچو. 1971ع.
(15) عباسي, تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. 1989ع.
(16) عباسي, تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. 1989ع.
(17) عباسي, تنوير. تنوير چئي. مضمون. امداد حسيني. ڪويتا مارڳ پٽون پير. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.سنڌ يونيورسٽي. 1989ع.
(18) شاهواڻي, غلام محمد. شاهه جو رسالو. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي. ڇاپو ٻيو. 2005ع.
(19) عباسي, تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. 1989ع.
(20) پليجو رسول بخش. رسول بخش پليجو جون مڪمل تحريرون 3, (مضمون سپ روئن پيا) مرتب جامي چانڊيو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي. 2007ع.
(21) عباسي, تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. 1989ع.